# سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريه 1987

# SINDH ORDINANCE NO. VIII OF 1987

# سنڌ مڪاني حڪومت (چوٿين ترميم) آرڊيننس، 1987

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (FOURTH AMENDMNT) ORDINANCE, 1987

## (Contents) فهرست


تمهيد

Preamble

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and Commencement

2. 1979جي سنڌ آرڊيننس XIIجي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of section 3 of Sindh Ordinance, XII of 1979

3. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XIIجي دفعہ 10 جي ترميم
Amendment of Section 10 of Sindh Ordinance XII of 1979.

4. 1979جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 23 جي ترميم
Amendment of Section 23 of Sindh Ordinance XII of 1979

5. 1979جي سنڌ آرڊيننس XIIجي دفعہ 26 جي ترميم
Amendment of Section 26 of Sindh Ordinance XII of 1979

6. 1979جي سنڌ آرڊيننس XIIجي دفعہ 37_A جو اضافو
Insertion of Section 37_A of Sindh Ordinance XII of 1979

7. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي 38 جي ترميم
Amendment of Section 38 of Sindh Ordinance XII of 1979

8. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 40 جي ترميم.
Amendment of Section 40 of Sindh Ordinance XII of 1979

9. 1979جي سنڌ آرڊيننس XIIجي دفعہ 60 جي ترميم.
Amendment of Section 60 of Sindh Ordinance XII of 1979

10. 1979جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 89 ۽ 90 کي متائڻ.
Omission of Section 89 and 90 of Sindh Ordinance XII of 1979

11. 1979جي سنڌ آرڊيننس XIIجي دفعہ 91 جي ترميم.
Amendment of Section 91 of Sindh Ordinance XII of 1979

12. 1979جي سنڌجي سنڌآرڊيننس XIIجي شيڊول I
Amendment of Schedule I to Sindh Ordinance XII of 1979

13. 1979جي سنڌ آرڊيننس XII جي شيڊول II جي ترميم.
Amendment of Schedule II to Sindh Ordinance XII of 1979

14. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XIIجي شيڊول Vجي ترميم.
Amendment of Schedule V to Sindh Ordinance XII of 1979

15. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XIIجي شيڊول VIجي ترميم.
Amendment of Schedule VI to Sindh Ordinance XII of 1979

16. منتقلي
Transitional

# سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريه 1987
# SINDH ORDINANCE NO. VIII OF 1987
# سنڌ مڪاني حڪومت (چوٿين ترميم) آرڊيننس، 1987
# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (FOURTH AMENDMNT)
# ORDINANCE, 1987

[ 5نومبر، 1987]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس 1979۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد
Preamble

جيئن تہ سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي ، جيڪا هن ريت هوندي.

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو.

مختصر عنوان
Short title

1. (1) (1) هي آرڊيننس ڪي سنڌ مڪاني حڪومت (چوٿين ترميم) آرڊيننس. 1987 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طورلاڳوٿيندو.

1979جي سنڌ آرڊيننس XIIجي دفعہ 3 جي ترميم

2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾، جنهن ڪي هن کانپوءِ چاٽايل آرڊيننس سڏيو ويندوان جي دفعہ 3 ۾.

(i) شق (20) ڪي ختم ڪيو ويندو.

(ii) شق (82) لاءِ هنين شقن ڪي متبادل ٻڌايو ويندو.

”(82)“ پورهيت مطلب ڪوشخص جيڪو هڪ فيڪٽري ۾ ملازم آهي جيئن فيڪٽريز ايڪٽ، 1934 ۾ چاٽايل آهي

يا انڊسٽريل ۽ ڪمرشل اسٽيبلشمنٽ ۾ جيئن اولهہ پاڪستان انڊسٽريل ۽ ڪمرشل ايمپلائمنٽ (اسٽينڊنگ آرڊس) آرڊيننس، 1968 ۾ ڄاڻايل آهي گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال جو ڪنهن هنر مند يا غير هنر مند، هٿ سان ڪم ڪندڙ يا مشين سان ڪم ڪندڙ پورهيت جيڪو ڪيو وڃي يا ڪيس معاوضو ڏنو وڃي،

(83) "زونل ميونسپل ڪميٽي" مطلب هڪ ميونسپل ڪميٽي جيڪا هن آرڊيننس تحت ڪراچي شهر ۾ جوڙي وئي هجي.

Amendment of section 3 of Sindh Ordinance, XII of 1979

3. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 10 ۾

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 10 جي ترميم
Amendment of Section 10 of Sindh Ordinance XII of 1979

(a) ذيلي دفعہ (1) جي شق (a) جي ذيلي شق (iii) ۾، هيٺيون شرطيہ بيان وڌايو ويندو.

"بشرطيڪ ڪراچي شهر ۾ هڪ ميٽروپولٽين ڪارپوريشن ۽ هر هڪ ضلعي لاءِ زونل ميونسپل ڪيمٽي هوندي"

(b) ذيلي دفعہ (2) ۾ لفظن "هڪ ضلعي ڪاونسل" کي لفظن "ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن يا هڪ ضلعي ڪاونسل" سان متبادل بڻايو ويندو.

4. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 23 ۾، لفظن ۽ ڪامائن "سرڪاري ميمبرن ڪانسواءِ جيڪڏهن ڪو هجي" کي لفظن "دفعہ 14 جي ذيلي دفعہ (1) جي شق (a) ۾ ڄاڻايل" سان متبادل بڻايو ويندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 23 جي ترميم
Amendment of Section 23 of Sindh Ordinance XII of 1979

5. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 26 ۾ ذيلي دفعہ (2) کانپوءِ هنيان نوان دفعات شامل ڪيا ويندا.

1979 جي سنڌ

| | |
|---|---|
| (3)ميئر، ڊپٽي ميئر، چيئرمين ياوائس چيئرمين وفاقي ياصوبائي حڪومت ۾ هڪ وزير يا صلاحڪار ٿيڻ جي صورت ۾ عهدوڇڏي ڏيندا.<br>(4) زونل ڪميٽي جو چيئرمين ميئر ٿيڻ جي صورت ۾ چيئرمين جو عهدو ڇڏي ويندو. | آرڊيننس XIIجي دفعہ 26 جي ترميم<br>Amendment of Section 26 of Sindh Ordinance XII of 1979 |
| 6. جاڙايل آرڊيننس جي دفعہ 37 کانپوءِ هيٺيون نئون دفعہ شامل ڪيو ويندو.<br>”A_37 پارٽي بنيادن تي چونڊن تي پابندي. “(1)هن آرڊيننس جي ڪنهن ٻئي شرطيہ بيان کانسواءِ هن آرڊيننس تحت چونڊن ۾ حصو وٺندڙ ڪو بہ شخص، اهڙي چونڊ جي مقصد لاءِ سياسي پارٽي جو نالو جهنڊو، نشان يا ٽڪيٽ استعمال نہ ڪري سهگندو. يا ان جو پليٽ فارم ياسهڪار نہ ڪري سگهندو. يا ان جو پليٽ فارم ياسهڪار حاصل نہ ڪري سگهندو. نہ اهي ڪي فرقيوارانا يا علائقائي نعراهڻي سهگندو.<br>بشرطيڪ هڪ اميدوار هڪ سياسي پارٽي جو فقط ميمبر هئڻ تي نا اهل قرار نہ ڏنو ويندو.<br>(2)جيڪڏهن چونڊاختياري، اهڙي جاچ کانپوءِ جيئن مناسب سمجهي، مطمئن آهي ڪوشخص ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهي ياذيلي دفعہ (1)جي گنجائشن سان ٽڪراءَ ۾ چونڊجي آيو آهي، اهو چونڊن لاءِ اميدوار نٿو ٿي سگهي، يا جيئن بہ معاملو هجي، ميمبر نٿو رهي سگهي، اهو جيئن سالن جي عرصي لاءِ چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ نا اهل ٿي ويندو بشرطيڪ اهڙي لاڳاپيل شخص کي ٻڌڻ جو موقعو ڏيڻ کانسواءِاهڙاحڪم جاري نہ ڪيو ويندو. | 1979جي سندآرڊيننس XII جي دفعہ A_37جو اضافو<br>Insertion of Section 37_A of Sindh Ordinance XII of 1979 |
| 7. جاڙايل آرڊيننس جي دفعہ 38 ۾ | |

(i)موجود شرطيہ بيان کان اڳ، هيٺيون شرطيہ وڌايو ويندو.

"بشرطيڪ ميٽروپولٽين ڪارپوريشن جاميمبر هرزونل ڪميٽي طرفان انهن منجهان متناسب نمائندگي جي بنيادتي چونڊياويندا"

(ii)موجوده شرطيہ بيان ۾ لفظ "بشرطيڪ" ۽ لفظ "تہ " وچ لفظ"وڌيڪ" شامل ڪيو ويندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننسXII جي 38 جي ترميم
Amendment of Section 38 of Sindh Ordinance XII of 1979

8. جاٽايل آرڊيننس جي دفعہ 40 جي ذيلي دفعہ (1)۾

(a)لفظ ۽ ڪاما"ڪارپوريشن" ۽ لفظن "ميونسپل ڪميٽي " وچ ۾ لفظ ۽ ڪاما"هڪ زونل ميونسپل ڪميٽي" ڪي شامل ڪيو ويندو.

(b)شرطيہ بيان ۾

(i)لفظن "ڪراچي ميٽروپولٽين ڪارپوريشن" ۽ لفظ " ۽ وچ ۾ لفظن "ياهڪ زونل ميونسپل ڪيمٽي" ڪي شامل ڪيو ويندو.

(ii) آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ ڪي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان ڪانپوءِ هيٺين ريت وڌيڪ شرطيہ بيان شامل وڪيوويندو.

"بشرطيڪ اهو بہ تہ ميٽرو پولٽين ڪارپوريشن، زونل ميونسپل ڪميٽي جي منظوري سان ، زونل ميونسپل ڪيمٽي جا ڪم اهڙين شرطن تي سرانجام ڏئي سگهي ٿي، جئين حڪومت واضع ڪري.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 40 جي ترميم.
Amendment of Section 40 of Sindh Ordinance XII of 1979

9. جاٽايل آرڊيننس جي دفعہ 60 ۾:

(i)ذيلي دفعہ (1)جي شرطيہ بيان ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ ڪي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان ڪانپوءِ هيٺيان وڌيڪ شرطيہ بيان شامل ڪياويندا.

"بشرطيڪ وڌيڪ تہ جتي ٽيڪس ، ٽول يا في ميٽرو پولٽين ڪارپوريشن يا زونل ميونسپل ڪميٽي ٻئي مڙ هين ٽيون

1979جي سنڌ

آرڊيننس XIIجي دفعہ 60 جي ترميم.
Amendment of Section 60 of Sindh Ordinance XII of 1979

تہ,زونل ميو نسپل ڪميٽيز ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن جي منظوري ڪانسواءِ اهڙي ٽيڪس ريٽ, ٽول يافي نہ اوڳاڙينديون.
بشرطيڪ اهو بہ تہ ميٽروپولٽين ڪارپوريشن, زونل ميونسپل ڪميٽي جي منظوري سان ۽ جتي زونل ميونسپل ڪميٽي منظوري نہ ٿي ڏي حڪومت جي منظوري سان, ڪاٽيڪس, ريٽ,ٽول يافي اوڳاڙي سگهي ٿي, جيڪا ,ميونسپل ڪميٽي طرفان اوڳاڙڻي آهي, پر اهڙن شرطن تي جيئن حڪومت طئي ڪري,"

(ii)ذيلي دفعہ (2)لاءِ هيٺيون ذيلي دفعہ متبادل بڻايو ويندو.
"(2) ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن جمع ڪيل ٽيڪسز ريٽس, ٽولس يا فيس جو حصو زونل ميونسپل ڪميٽيز کي اهڙي نسبت سان ڏيندي, جيئن حڪومت طئي ڪيو هجي"

1979جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 89 ۽ 90 کي متائڻ.
Omission of Section 89 and

10. جاڙايل آرڊيننس ۾, دفعہ 89 ۽ 90 کي ختم ڪيو ويندو.

11. جاڙايل آرڊيننس ۾, دفعہ 91 لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو.

90 of Sindh Ordinance XII of 1979

”91 ڪاونسل وچ ۾ تڪرار جيڪڏهن ٻه يا ٻن کان وڌيڪ ڪائونسل ۾ تڪرارپيدا ٿئي ته معاملو حڪومت انهن اماڻيو ويندو ۽ ان جو فيصلو حتمي هوندو ۽ ڪائونسلس ان تي پابند هونديون،

1979جي سنڌ آرڊيننس XIIجي دفعه 91 جي ترميم.
Amendment of Section 91 of Sindh Ordinance XII of 1979

12. شيڊول 1 ۾

(i)جريان نمبر 1 داخلائن لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو.

| | | |
|---|---|---|
| ”ڪراچي ميٽروپولٽين ڪارپوريشن | 1 | هرزونل وميونسپل ڪميٽي جي ميمبرن جو هڪ پاڱي تي حصو |
| 1_A سموريون زونل ميونسپل ڪميٽيز | | حڪومت طرفان طئي ڪيل ميمبرز جو انگ بشرطيڪ پهرين چونڊن لاءِ ميمبرن جو انگ 204 هوندو جيڪو حڪومت طرفان زونل ميونسپل ڪميٽيز ۾ ورهايو ويندو. |

1979جي سنڌ جي سنڌ آرڊيننس XIIجي شيڊول I
Amendment of Schedule I to Sindh Ordinance XII of 1979

(ii)جريان نمبر2 سامهون ”ميونسپل ڪميٽيز“ ۽ لفظ ”وچ ۾ لفظن زونل ميونسپل ڪميٽيز ڪانسواء ڪي شامل ڪيو ويندو.

13. چاڻايل آرڊيننس جي شيڊول IIجي حصي1 ۾، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو.

1979جي سنڌ

حصو_I

آرڊيننس XII جي شيڊول II جي ترميم.
Amendment of Schedule II to Sindh Ordinance XII of 1979

سمورا ڪم ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن طرفان سنڀاليا ويندا.

1. فزيڪل پلاننگ،ٽاون پلاننگ ۽ بلڊ نگ ڪنٽرول،
2. ٽرنڪ سيوريج سٽم، سيوريج ٽريٽمنٽ پلانٽس ۽ سيوريج فارمس.
3. ججهي مقدار ۾ پاڻي جي فراهمي
4. ريفيوزڊسپوزايبل پلانٽس.
5. ايبٽريز ۽ ڪٽيل ڪالونيز
6. خاص ۽ عام اسپتالون ۽ ويم گھر 50 بيڊس سان گڏ يا وڏيڪ جهڙوڪ اسپينسرز آءِ هاسپٽل، ليپرسي هاسپيٽل، ايپيڊيمڪ هاسپٽل، نيوچالي هاسپٽل لياري هاسپيٽل، سوڀراج ۽ رنڇوڙلين ويم گھر.
7. ويڪٽرڪنٽرول جي منصوبہ بندي ۽نظرداري
8. فوڊليباريٽريز جي منصوبہ بندي، واڌويجهہ ۽ مرمت

9. هواپاڻي جي گدلاڻ تي ضابطو
10. کيرجي فراهمي جون اسڪيمون،
11. ميٽروپولٽين روڊن ۽ برساتي نالن جي منصوبہ بندي سڌارو ۽ مرمت
12. ميٽروپولٽين ٽرانسپورٽ
13. ٽريفڪ انجنيئرنگ
14. لينڊڪنٽرول
15. اعليٰ ۽ مهارت يا فنۃ تعليم بشمول استادن جي تربيت.
16. ڪچين آبادين کي ريگيولر ڪرڻ ۽ اسپيشل ڪراچي ڊولپمينٽ پروجيڪٽ تي عملدرآمد
17. ميونسپل پوليس

18. ڪنٽرول ورڪشاپس ۽ پريس
19. زولاجيڪل گارڊنس ايڪويريا، ميٽروپوليٽن اسٽيڊيم، سفاري پارڪس، اسپورٽس ڪامپليڪس ۽ ساموندي ڪنارا،
20. ميٽروپوليٽن، لائبريز، ميوزيمس ۽ آرٽ گيلريز
21. لينڊاسڪيپ ٽريننگ ۽ فلڊ ڪنٽرول کي محفوظ بڻائڻ
22. فائرفائيٽنگ سروسز جي منصوبہ بندي، سڌارا ۽ مرمت
23. ڦهلجندڙ بيمارين تي ضابطو
24. پبلڪ فيريز
25. ڪاڌخوراڪ ۽ پيئڻ جون شيون
26. سائيٽ ڊولپمنٽ اسڪيمون
27. سول ڊفينس
28. ميٽروپولٽين قبرستان ۽ شمشان گهاٽ
29. جهنگ
30. ميونسپل ملازمن جي تربيت
31. حڪومت طرفان ڏنل ڪي ڪم

## حصو-A-I

ڪم جيڪي زونل ڪميٽيز طرفان ڪياويندا ميونسپل ڪميٽيزجا سمورا ڪم سواءِ انهن جي جيڪي حصي Iمر آهن

| | |
|---|---|
| 14. | ڇاٽايل آرڊيننس جي شيڊول V(a) جي حصي I لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايوويندو |

1979 جي سنڌ آرڊيننس XIIجي شيڊول Vجي ترميم.

Amendment of Schedule V to Sindh Ordinance XII of 1979

## حصو_I

**ٽيڪسز ريٽس، ٽولس ۽ فيس جيڪي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن طرفان اوڳاڙيا ويندا.**

| | |
|---|---|
| .1 | ڪراچي ميٽروپولٽين ايراضي ۾ واپرائڻ ياوڪري لاءِ شيون درآمدڪرڻ تي ٽيڪس، |
| .2 | روڊن، پلين ۽ بيڙين تي ٽولس، |
| .3 | سيني قسمن جي گاڏين ۽ بيڙين تي ٽيڪس |
| .4 | ڊرينيج ٽيڪس |
| .5 | فائر ٽيڪس |
| .6 | مخصوص وقت لاءِ مخصوص عوامي فاعدن ياعوامي يوٽيلٽي پروجيڪٽس تي ڊوليپمنٽ ٽيڪس |
| .7 | ججهي مقدار ۾ پاڻي جي فراهمي لاءِ اگهه |
| .8 | مخصوص خدمتون حاصل ڪرڻ لا ءِ فيس ۽ مليل لائسن ،سينڪشن ،پرمٽس لاءِ فيس |
| .9 | عمارت جي تعمير ۽ ٻيهر تعمير لاءِ درخواست تي ٽيڪس |
| .10 | ميٽروپولٽين ڪارپوريشن جي هٿ هيٺ تعليمي ادارن لاءِ فيس |
| .11 | جانورن جي ڪورس لاءِ فيس |
| .12 | حڪومت طرفان لڳايل سيس ۽ ٽيڪسز |
| .13 | ٻي ڪا ٽيڪس جيڪا حڪومت ڪي قانون موجب لڳائڻ جو اختيار آهي. |

## حصو_A_I

**ٽيڪسز ريٽس، ٽولس ۽ فيس جيڪي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن طرفان**

لڳايا ويندا.

هن آرڊيننس تحت سموريون ٽيڪسز ميونسپل ڪميٽي طرفان اوڳاڙي لائق هونديون سواءِ انهن جي جيڪي ميٽرو پولٽين ڪارپوريشن طرفان لڳائڻ ۽ جمع ڪرائڻ جون هونديون.

(b) حصي IIجي عنوان ۾ لفظ"بشمول" لاءِ لفظ "ڪانسواءِ ڪي متبادل بڻايو ويندو.

15. ڇاڙايل آرڊيننس جي شيڊول VI۾ حصي II۾ داخلہ 48 ڪانپوءِ هيٺيون نيون داخلائون شامل ڪيون وينديون.

"48_Aڪنهن عمارت تي اعتراض جوڳا، گارگندوارا فحش نعرايالفظ

لکڻ يا پينٽ ڪرڻ:

"48_B عمارت جي مالڪن يا قبضو رکندڙن پاران اندراج 48 ۾:

1979 جي سنڌ آرڊيننس XIIجي شيڊول VIجي ترميم.
Amendment of Schedule VI to Sindh Ordinance XII of 1979

۾ ڇاڙايل بلس، نوٽيسز پلي ڪارڊس، پيپرز لکٽيون، پيفٽ نگس هٽائڻ ۾ ناڪامي "

16. جيستائين ڪجھ سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس 1979 جي متضاد نہ هجي.

(a) موجود ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن جا الڪيٽورل يونٽ زونل ميونسپل ڪميٽز جي پهرين چونڊن لاءِ اليڪٽورل يونٽس هوندا.

(b) سنڌ مڪاني حڪومت (چوٿين ترميم) آرڊيننس 1987 جي لاڳو ٿيڻ کان اڳ، ڪم ڪندڙ ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن تسيتائين ڪم جاري رکندي جسيتائين ڪراچي ميٽروپولٽين ڪارپوريشن ۽ زونل ميونسپل ڪميٽيز

منتقلي

Transitional

جوڙيون وچن ۽ ڪم شروع ڪن.

(c) ڪراچي ميٽروپولٽين ڪارپوريشن حڪومت جي منظوري سان، ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن ۽ زونل ميونسپل ڪميٽيز جي لاءِ مالي سال 88 _1987 جا مالي تخمينا، خرچ ۽ آمدني جا تفصيل جوڙيندي.

(d) حڪومت، ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن سان مشاورت بعد ورهاست ڪري سگهي ٿي.

(i) حڪومت جيئن مناسب سمجهي ۽ جنهن طريقي ۽ تناسب سان چاهي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن ۽ زونل ميونسپل ڪميٽيز وچ ۾ اثاثا ۽ واجبات متحرڪ ۽ غير متحرڪ ملڪيت ورهائي سگهي ٿي.

(ii) ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن جاآفيسر ۽ ملازم ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن ۽ زونل ميونسپل ڪميٽيز خدمتون سرانجام ڏيندا،

(e) جتي سنڌ مڪاني حڪومت (چوٿين ترميم)آرڊيننس 1987 جي لاڳو ٿيڻ جي ٻارنهن مهينن ڄاٽايل آرڊيننس جي گنجائشن تي عملدرآمد جي سلسلي ۾ دوران ڪا رنڊڪ پيش اچي حڪومت اهڙي رنڊڪ هٽائڻ لاءِ خاص هدايتون جاري ڪري سگهي ٿي.

**نوٽ:_ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**